# ٦. سچو ڌرم

**ٻڌو، پڙهو ۽ سمجهو.**



بزرگن جي چوڻي آهي تہ پاڙو اَبو اَمڙ ٿيندو آهي. مٽن - مائٽن کان وڌيڪ پاڙيسري مددگار ثابت ٿيندا آهن. پر پريم نگر ۾ رهندڙ سروانند شاستري ۽ موُلانا محمد علي اِن چوڻي جي اُبتڙ ئي ڪم ڪري رهيا هئا. ٻنهي جا گهر هڪ ٻئي جي سامهون هئا. هو جڏهن بہ هڪ ٻئي جي سامهون اَچي ويندا هئا تہ هڪ ٻئي کان مُنهن ڦيري اَهڙي ريت هليا ويندا هئا جو سندن چهرن مان ڌرمي ۽ مذهبي ڪٽرپڻو لڪي نہ سگهندو هو.

ٻئي طرف ٻنهي جي ٻارن ۾ پاڻ دوستي هئي. هو مائٽن کان لڪي لڪي پاڻ ۾ گڏجي راند - روُند ڪندا هئا. هڪ ڏينهن پر واري باغ ۾ شاستريءَ جي پندرهن ورهين جي نرملا اُباڻڪي ويٺي هئي تہ موُلانا محمد عليءَ جو ڏهن ورهين جو پٽ رحيم آيو. پنيان اَچي نرملا جون اکيون هٿن سان بند ڪيون تہ سندس هٿ آلا ٿي ويا ۽ هو وائڙو ٿي ويو. ”ديدي! ڇا تون روئي رهي آهين؟“

”رحيم، اَڄ ’رکشا ٻنڌن‘ جو ڏڻ آهي!“

”تہ ڇا، رکشا ٻنڌن ڏينهن ڇوڪريون روئنديون آهن؟“

”نہ، رکشا ٻنڌن تي ڀينر، پنهنجي ڀائرن کي رکڙي ٻڌنديون آهن. پر مونکي تہ ڪو ڀاءُ ڪونهي! اِن ڪري اَکين ۾ پاڻي ٿو اَچي. من بہ اُداس ٿئي پيو!“

”ديدي، تون مونکي ئي پنهنجو ڀاءُ سمجهہ.“

نرملا جي اُداسي پَر ڪري اُڏامي وئي ۽ سندس اکين ۾ عجيب خوشيءَ جي چمڪ اچي وئي. نرملا

هڪدم، رحيم کي رڪڙي ٻڌي چڏي. ”اَڄ کان تون ئي منهنجو ڀاءُ آهين، توکي ئي منهنجي رکشا ڪرڻي پوندي.“

”ديدي، مان تہ اَڃا ننڍڙو آهيان.“ رحيم کلندي چيو، ”تون وڏي آهين. پاڻ توکي ئي منهنجي رکشا ڪرڻي پوندي.“

نرملا ۽ رحيم جي ٿهڪڙن سان ماحول ۾ پوترتا جي سڳنڌ پکڙجي ويئي.

هڪ ڏينهن رحيم پنهنجي هم ڪِلاسين سان گڏ، اِسڪول وڃڻ لاءِ پل پار ڪري رهيو هو جو، هڪ شيطان ڇوڪري کيس ڌڪو ڏنو ۽ رحيم نديءَ ۾ ڪري پيو. ٻين ڇوڪرن واڪا ڪرڻ شروع ڪيا. ”بچايو بچايو... رحيم کي بچايو. هو نديءَ ۾ ٻڏي رهيو آهي. پر ڪنهن بہ کي نديءَ ۾ ٽپو ڏيڻ جي همٿ ڪونہ ٿي. اُن وقت نرملا، بہ پنهنجي ساهيڙين سان پُل تان لنگهي تہ ڪَن تي آواز پيس. هن ڏٺو تہ رحيم غوطا کائي رهيو هو. کيس ترڻ ڪونہ ٿي آيو. ڪنارو پري ڪونہ هو. نرملا هڪدم نديءَ ۾ ٽپو ڏنو ۽ گهڻي جفاڪشي ڪري رحيم کي ڪناري تائين گهلي آئي.

ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون اِسڪول ڪونہ ويا ۽ رحيم کي اسپتال کڻي ويا. نرملا ڊاڪٽر کي چيو - ”هي رحيم آهي. منهنجو ننڍڙو ڀاءُ. مان پريم نگر ۾ رهندي آهيان. رحيم جي بابا جو نالو مؤلانا محمد علي آهي. مان توهانکي اَيڊريس ٿي ڏيان - کيس اطلاع ڏيئي گهرائي وٺو!“

رحيم جي پيٽ ۾ پاڻي ڀرجي ويو هو. ڊاڪٽر سندس پيٽ مان پاڻي ٻاهر ڪڍيو. رحيم جو بابو مؤلانا محمد علي اِسپتال ۾ پهچي ويو. ايتري ۾ نرملا جو پتا سروانند شاستري بہ اُتي اَچي پهتو. مؤلانا جي پُٽ رحيم کي نرملا بچايو هو. اِهو ٻڌي مؤلانا جي من مان مذهبي ڪٽرپڻو اُڏامي ويو ۽ نرملا کي ڀاڪر پائي شاباسي ڏنائينس. شاستري ۽ مؤلانا جي اکين ۾ آنسون تري آيا. هڪ ٻئي کي چيائون، ”انسانيت ئي سڀ کان وڏو ۽ سچو ڌرم آهي!“

**نوان لفظ:**

| | | |
|---|---|---|
| اُپاٽڪي = اَڪيلي | غوطا کائڻ = ٽٻيون هڻڻ | جفاڪشي = ڪشمڪش |
| اِطلاح ڏيڻ = ڄاڻ ڏيڻ | | |

## اَڀياس

**سوال ١: هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جُملن ۾ لکو.**

١) ٻارڳن جي ڪهڙي چوٽي آهي؟

٢) سروانند شاستري ۽ مؤلانا هڪ ٻئي کان منهن ڦيري ڇو هلندا هئا؟

٣) رحيم ۽ نرملا جو ڀاڻ ۾ ڪهڙو ناتو هو؟

**سوال ٢: هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو.**

١) باغ ۾ نرملا اُپاٽڪي ٿي ڇو ويٺي هُئي؟

٢) رحيم نديءَ ۾ ڪيئن ڪري پيو؟

٣) نرملا رحيم کي ڪيئن بچايو؟

٤) مؤلانا محمد جو مذهبي ڪٽرپڻو ڪيئن اُڏامي ويو؟

**سوال ٣: هيٺين اِصطلاحن جي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻيو.**

غوطا کائڻ، ٽِپي پوڻ، اِطلاح ڏيڻ، جفاڪشي ڪرڻ.

**سوال۴: هيٺيان جُملا ڪنهن، ڪنهن کي چيا آهن؟**

۱) ”اَڄ رڪشاپنڌن جو ڏڻ آهي.“

۲) ”مان تہ اَڃا ننڍڙو آهيان.“

۳) ”مان پريم نگر ۾ رهندي آهيان.“

۴) ”اِنسانيت ئي سڀ کان وڏو ۽ سچو ڌرم آهي.“

**سوال۵: هيٺين لفظن جا ضد لکو.**

اُبتڙ، دوستي، پنيان، اُداس، ڌرمي.

**سوال٦: هيٺين لفظن جون صفتون لکو.**

پوترِ، اُباڻڪائي، مدد، عجب

---

## پورڪ اَڀياس

**۱) تڪر تي عملي ڪم**

بزرگن جي چوٽي آهي ...................................... ڪترپٽو لڪي نہ سِگهندو آهي.

**(i) ’مت مائٽ‘ هڪ مرڪب لفظ آهي. هيٺ ڏنل چوکنڊي مان مناسب لفظ چونڊي مرڪب لفظ پورا ڪريو:-**

| پڇ، پار، واڌ، پاڙو، حواس | | |
|---|---|---|
| هوش | | |
| ساز | | |
| ڪوٽ | | |
| آر | | |

**(ii) ڏنل هدايت پڙهي جملا وري لکو**

۱) بزرگن جي چوٽي آهي (ليڪ ڏنل لفظ بدران مناسب لفظ ڪم آڻيو.)

۲) ٻنهي جا گهر هڪ ٻئي جي سامهون هئا (جملي ۾ ’لڳہ پڳہ‘ لفظ ڪم آڻيو.)

۳) پاڙو اَبو اَمڙ ٿيندو آهي (جملو ’اِهو سچ آهي‘ سان شروع ڪريو.)

۴) مِتن مائٽن کان پاريسڙي وڌيڪ مددگار ثابت ٿيندا آهن.
(جملي کي عدد واحد (Singular) ۾ بدلايو.)

**(iii) هڪ لفظ ۾ جواب ڏيو:**

۱) نگر جو نالو

۲) پريم جو ساٿي ۽ معنيٰ وارو لفظ

۳) گهٽ جو ضد

LHTDNG